WWW.USMANWEB.COM

# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

## سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ امتحان ٢٠١٧ (ساليانو)

## سنڌي سليس (لازمي)

## ڪلاس نائون (سائنس گروپ)

وقت : اڌ ڪلاڪ — ڪل مارڪون:١٥

### حصو ”الف“ (گهڻ چونڊائتا سوال)

هدايتون

(١) سڀني سوالن جا جواب گهربل آهن.

(٢) سوال ڪاپيءَ ۾ نہ لکو پرچي مطابق سوال جو صحيح نمبر لکي ان جي سامهون صرف جواب ڏيو.

(٣) هر سوال هڪ مارڪ جو آهي.

(٤) توهان کي جيڪو پرچو مليو آهي ان جو ڪوڊ نمبر وڏن اکرن ۾ پنهنجي ڪاپيءَ جي شروعات ۾ لکو.

١ هيٺ ڏنل هر هڪ سوال لاءِ صحيح جواب چونڊيو:

(xiii) انگريزن سنڌ فتح ڪئي:

(☆) ١٨٥٢ع ۾ (☆) ١٠٥٠ع ۾ (☆) ١٨٤٣ع ۾ (☆) ١٩٣٧ع ۾

(xiv) حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڄائو هو:

(☆) حيدرآباد ۾ (☆) سيوهڻ ۾ (☆) ڪراچي ۾ (☆) دادو ۾

(xv) ڪڇ مان هڪ انگريز عملدار ڊاڪٽر جيمس برنس کي گهرايو ويو هو؛ سن:

(☆) ١٨٢٤ع ۾ (☆) ١٩٢٤ع ۾ (☆) ١٩٣٤ع ۾ (☆) ١٩٢٦ع ۾

WWW.USMANWEB.COM

# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

## سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ امتحان ٢٠١٦ (ساليانو)

## سنڌي سليس (لازمي)

## ڪلاس نائون (سائنس گروپ)

وقت: اڍائي ڪلاڪ — ڪل مارڪون: ٦٠

هدايتون: هي پيپر مختصر جواب جي سوالن (حصو ”ب“ ۽ بياني جواب جي سوالن (حصو ”ج“ تي مشتمل آهي ۽ اڍ ڪلاڪ ڪان پوءِ ڏنو ويندو. ان جو ڪل وقت اڍائي ڪلاڪ آهي.

**<u>حصو ”ب“ (مختصر جواب جا سوال)</u>** — مارڪون ٣٦

٢ ڪن ٨ اٺن سوالن جا جواب لکو: ١٦

(i) نصرپور جو شهر ڪنهن ٻڌايو هو؟

(ii) پاڻ سڳورن ﷺ اسلامي برادري بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو آهي؟

(iii) حضرت امام جعفر صادقؒ ڪهڙن استادن وٽ تعليم حاصل ڪئي؟

(iv) مولانا وفائي جا ڪهڙا علمي يادگار موجود آهن؟

(v) سائي خيري ڪڏهن وفات ڪئي ۽ سند س مقبرو ڪٿي آهي؟

(xiii) ٻڌي ۽ ايڪي سان ، همت ۽ بهادري سان انسان ڏاري سگهي ٿو:

(الف)ڪاڻيون (ب)جبل (ج)<u>ڏونگر</u> (د)پٿر

(xiv) سچل سرمست وفات ڪئي:

(الف)<u>١٨٢٩ع ۾</u> (ب)١٨٢٨ع ۾ (ج)١٨٣٩ع ۾ (د)١٨٨٠ع ۾

(xv) پيارا دوست خط ٽيندو ٿو وڃي:

(الف)پراڻو (ب)رنگين (ج) <u>طويل</u> (د)عام

# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ امتحان ٢٠١٣ (ساليانو)

## سنڌي سليس (لازمي)

ڪلاس نائون (سائنس گروپ)

وقت : اڍائي ڪلاڪ — ڪل مارڪون: ٦٠

هدايتون: هي پيپر مختصر جواب جي سوالن (حصو ”ب“ ۽ بياني جواب جي سوالن (حصو ”ج“) تي مشتمل آهي ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ڏنو ويندو. ان جو ڪل وقت اڍائي ڪلاڪ آهي.

<u>حصو ”ب“ (مختصر جواب جا سوال)</u> — مارڪون ٣٦

٢ ڪن ٻه ائن سوالن جا جواب لکو: ١٦

(i) حضرت سلمان فارسيؓ حق ۽ سچ جي ڳولا لاءِ ڪهڙيون ڪوششون ڪيون؟

(ii) نوري جي قبر ڪٿي آهي؟

(iii) اجرڪ سنڌ جي ڪهڙن شهرن ۾ ٺهي ٿي؟

(iv) هن حج کي ”حجته الوداع“ ڇو ٿو چيو وڃي؟

(v) سرڪاري ملازمن کي قائداعظمؒ ڪهڙي هدايت ڪئي آهي؟

(vi) ڪهڙا ملڪ بين الاقوامي عدالت کان پنهنجا تڪرار نبيرائي سگهن ٿا؟

WWW.USMANWEB.COM

(الف)توريت جو　(ب)انجيل جو　(ج)زبور جو　(د)**قرآن شريف جو**

(xv)　"مقد مته الصلواة"نالي ڪتاب نظم ۾ لکيو:

(الف)مخدوم شاه محمود　(ب)مخدوم امين فهيم　(ج) **مخدوم ابوالحسن**　(د)مخدوم رفيق الزمان

# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

## سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ امتحان ٢٠١٢(ساليانو)

## سنڌي سليس (لازمي)

## ڪلاس نائون (سائنس گروپ)

وقت : اڍائي ڪلاڪ　　　　ڪل مارڪون: ٦٠

هدايتون: هي پيپر مختصر جواب جي سوالن(حصو "ب" ۽ بياني جواب جي سوالن (حصو "ج" تي مشتمل آهي ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ڏنو ويندو.ان جو ڪل وقت اڍائي ڪلاڪ آهي.

<u>حصو "ب" (مختصر جواب جا سوال)</u>　　　　مارڪون ٣٦

٢　ڪن ڇهن سوالن جا جواب لکو:　　　　١٦

(i)　انگريزن جي اوائلي دور ۾ ڪهڙا مشهور ليڪ ٺي گذريا آهن؟

(ii)　رڏپچاءُ ۽ ڪاڏي پيتي جي ٿانون کي ڪهڙي ريت صاف ڪرڻ گهرجن؟

(iii)　نظم دُعا ۾ شاعر الله تعاليٰ کان ڪهڙي دعا ٿو گهري؟

(iv)　سرنديءَ وارن سرڏن جواهه عورتن کي مائي خيريءَ جي حياتيءَ مان ڪهڙو سبق سکڻ گهرجي؟

(v)　تنظيم ڇو ضروري آهي؟

(vi)　ڊزائين ۽ رنگ جي لحاظ کان اجرڪ جا گهڻا قسم آهن؟

WWW.USMANWEB.COM

پاڻ ني منجهان پاڻ کي مي پڙلاءُ پيوم،
صحيح ڪن ڪيوم، ته غير گمان اُٿي ويا.

«ب»

هيٺ ڏنل بند جي تشريح شاعر ۽ نظم جي حوالي سان لکو:

جي تو کي «مسافر» ارجمندي گهرجي،
جي تو کي دنيا ۾ حق پسندي گهرجي،
وٺ جان عدل سان خاڪساري جي واٽ،
نوڙي هل جي تو کي بلندي گهرجي.

٨ (الف) هيٺين مان ڪنهن به هڪ سبق جو خلاصو لکو: ٥

(i) رڏ پچاءُ (ii) سنڌي ادب جي مختصر تاريخ (iii) جهرڙو راڄ تهڙو ڀاڳ

«ب» هيٺ ڏنل پيراگراف جو اردو ۾ ترجمو ڪريو: ٣

بادشاهه وٽ پهچي ڪڙمي چيو ته «بادشاهه سلامت! اوهان خواب ۾ ڏٺي ڏٺي آهي. توهان گونگي ڳائُ وارو پهاڪو ته ضرور ٻُڌو هوندو! سو ائين سمجهو ته اوهان جي رعيت هاڻي ڳئون وانگر نمائي ٿي چڪي آهي.

WWW.USMANWEB.COM